www.drpathan.com Page # 1

# پیغام حق

یعنی

# مسلم لیگ کی کانگریسی حقیقت

از

Gul Hayat Institute


## غلام احمد نظامی کراچی



پبلشر غلام احمد حاجی محمد صدیق سکریٹری جمعیت الاخوان
شکار پوری محلہ سفید قبر کراچی مال پلازہ کمپنی
کراچی

طبع پرنٹر مولا بخش عبداللہ بلوچ لیتھو پرنٹنگ پریس لاسی ... کراچی

قیمت ۲---- (دو روپیہ)

# ڪانگريس ۽ مسلم ليگ

هن وقت هندوستان ۾ گهڻا مسلمان ڪانگريس ۾ شامل آهن ۽ ٻيا مسلم ليگ ۾. جيڪي ڪانگريس سان شامل آهن تن جو چوڻ آهي ته مسلم ليگ هڪ بي عمل رجعت پسند نوابن ۽ سرڪاري سرن جي جماعت آهي. اها ٻيائي آزاديءَ لاءِ لڙڻ جي حڪومت جي وفاداري جا گيت ڳائيندي رهندا. مسلم ليگ وارن جو چوڻ آهي ته جيڪي مسلمان ڪانگريس ۾ آهن سي قوم جا غدار آهن ۽ سخت غلطي ڪري رهيا آهن. ڇو ته انهن کي گهربو هو اول پنهنجي پاڻ جي جماعت ۾ شامل ٿي پنهنجي قوم کي تنظيم سان مضبوط ڪري هڪ جماعت ٿي پوءِ ڪانگريس ۾ شامل ٿين ها سگهو انهن پنهنجي قوم کي جن جي جلد پاڻ تي ڪاڻ شعور ورتو آهيا- هتڪري هو غدار آهن. ۽ غلطي تي آهن *

هن هر صفحن کي سامهون آهي ته موجوده آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ٻيا لوازمات جي ڪاهي ملڪ قلم ۽ دماغ شهرت ۽ طاقت جي جنگ ۽ سياسي شطرنج جو کيل آهي

www.drpathan.com 

هٿ ڪري هن وقت جيڪو وت اهو خزانو موجود
هوندو سو يقيناً ڪامياب ٿيندو. انهي کان ڪو به
نڪار نه ڪندو ته انهي غير مسلم وطني پاڻ علم توڙي
دولت ۾ ڪمال پيدا ڪري شهر ۽ ڳوٺن بازار توڙي
سرڪاري دفترن تي پورو قبضو ڪري چڪا آهن.
هو سياست جي تمام ور ۽ پيچ کان خوب واقف
ٿي چڪا آهن. تعداد جي لحاظ سان به هو ڪثرت ۾
آهن. برخلاف انهن جي مسلمان قوم. مفلس. مزدور
بي آسرا ۽ مقروض علم ۾ پٺتي. تجارت کان دور
تعداد ۾ ٿورا. اهڙي حالت ۾ هو دور انديشي
ڪري ڪانگريس ۾ چند شرطن سان شريڪ ٿين
گهرن ٿا. ته اڳ هو پنهنجي ڪمزور حالت سان طاقت
جي هٿان ذليل نه ٿين ته متان مسخ ٿي ڪين پئي وڃي
عام مسلمان جيڪي ٿورا گهڻا ڪانگريس ۾ شامل
آهن سي ڪانگريس جي مهاسڀائي ذهنيت کان چڱي طرح
واقف آهن. مگر هو انهي ڪري مجبور ٿيا آهن جو
جمعيت العلماء ڪانگريس سان شامل آهي.
ٻيو هو سان ڏٺو وڃي ته مسلم ليگ هن وقت اهڙا
مسلم ليگ ڪا اهڙي جنهن ۾ ذيلدار ۽ سرڪار جا خوشامدي
شامل هوا. هن وقت مسلم ليگ ۾ وڏو حصو انهن مجاهدن
جو آهي جن خلافت جي تحريڪ ۾ آزاديءَ لاءِ هر ڪا

www.drpathan.com Page # 4

قرباني ڪئي. علاوه انهي علماءِ ڪرام جو به هيڪو
تعداد شريڪ آهي .

## هندو مسلم اتحاد

هندو مسلم اتحاد لاءِ هن کان اڳ به ڪيترا
دفع ڪوشش ٿي - مگر ڪانگريسي ليڊرن جي
مهاسڀائي ذهنيت ڪو نه ڪو اتفاق پيدا ٿيڻ ڏي رهي
جو نه هندو مسلم اتحاد ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندڙ
هميشه اها ڳئو ماتا رهيا آهي جنهنکي هندو لوڪ ديوتا
سمجهي پوڄا ڪندا رهيا آهن - اها ڳئون ماتا هميشه
هندو قوم ۾ مسلمانن جي خلاف جوش پيدا ڪرڻ لاءِ
هڪ ڪارگر هٿيار ثابت ٿيندو رهيو آهي. جيڪا ڳالهه
نه عام هندو کي سوراڄ جي معنيٰ اها ٻڌائي وئي
آهي ته ڳئون ماتا جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ اسان هندو راڄ
قائم ڪرڻ گهرون ٿا - هندوستان جا اصلي رهاڪو
هندو آهن - مسلمان ۽ عيسائي ٻاهران آيل آهن - مسلمان
بادشاهن اسان هندن تي ڏاڍا ظلم ڪيا آهن
مسلمان ۽ عيسائي اسانجي ڳئون ماتا کي قربان ڪري
اسانجي ملڪ کي ناس ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف
مسلمانن کي چئي رهيا آهن ته اوهان اسانجا ڀائر آهيو.
اچو ته ملي انگريزن کي هتان ڪڍون ۽ پوءِ هندوستان
۾ گڏجي حڪومت هلايون ۽ انگريزن سان لنڊن ۾

Gul Hayat Institute

ڪانا ڪائي شراب اُڏائي ائين ڪي ڪن ۾ پڌائي رهيا
آهن ته اوهان اسان تي ڪاوڙ نه ڪريو اسان اوهانجا
خير خواه آهيون. اسانجو اوهان کان سواءِ ٻيو
ڪير مدد گار آهي. مسلمانن کي ته مُسلماني حڪومتن
تي ناز آهي. اسان سڀ ڪجهه اوهانجي سايه هيٺ
گهرون ٿا. اسان غدر سنه ١٨٥٧ع کان وٺي هميشه
اوهان سان وفادار ٿي رهندا آيون ٿا مگر اوهان به
اسان تي مهربان ٿي رهو. اهائي به رنگي پاليسي ؛
بدنيتي آهي جا هندو مسلمان کي نه ملڻ ڏيڻ آهي
ڪيملو ڏيندي. هو ڏاهين حڪومت جو به ساڳيو مقصد
آهي جو هندو قوم پورو ڪري رهي آهي ؛

## غدر سنه ١٨٥٧ع

غدر سنه ١٨٥٧ع اها آزادي جي لڙائي هئي جنهن
۾ تنهن هندستانين وٽ هٿيار هوا. انهين وٽ مسلما
کي ڪهڙي ريت ڏوکو ڏنو ويو تنهن لاءِ تاريخ
غدر دهلي پڙهي ڏسو اهي غدر کان پوءِ مسلمان
قوم تي پوڙ لڳي. ڇو ته هر طرف گورنمنٽ تمام
مسلمانن کان بدگمان ٿي چڪي هئي. يورپين قوم
مسلمانن کي دشمن جي حيثيت سان ڏسي رهي هئي.
انگريزي اخبارن ۾ مسلمانن جي خلاف خوب مضامين
شايع ٿي رهيا هوا. ٻئي طرف مسلمانن جي گهرن ۾ ڇهن سو

ورهين جي حڪومت وڃڻ جو ماتم هو. ٻئي طرف علماءِ ڪرام جي فتوي هئي ته ڪو به مسلمان انگريزي زبان نه پڙهي. جيڪو انگريزي پڙهندو سو ڪافر آهي. انهيءَ موقعي کان هندو قوم خوب فائدو حاصل ڪيو. انهن هڪ طرف انگريزن سان ماڻ ٻاڻ پيدا ڪئي ۽ وفاداري جا گيت ڳايا ٻئي طرف جلد انگريزي تعليم حاصل ڪري تمام سرڪاري آفيسن تي قبضو ڪري ورتو. انهيءَ سان گڏ ڳئون ماتا جي رکشا جي بهاني سان مسلمانن جي خلاف ٻيهي پيا. اڻ ڇوت ڇات جو اوزار ڪم آڻي مسلمانن جي اقتصادي حالت ۾ ڪمزوري ڪيو ويو.

هندوستان ۾ مسلمانن ڇهه سؤ ورهه حڪومت ڪئي. تاريخ شاهد آهي ته انهن ڇهن سؤ ورهين ۾ هندو مسلمانن جا ڪهڙا تعلقات رهيا.

ڇوت ڇات جو نالو به ڪونه هو. هندو مسلمان گڏجي کائيندا هوا. هڪ ٻئي جي شادي غميءَ ۾ شريڪ ٿيندا هوا. نه صرف ايترو بلڪ ڪيترن مغل شهزادن جي گهرن ۾ هندو راڻيون هيون. مگر غدر سنه ١٨٥٧ کان پوءِ حڪومت ۽ هندو قوم گڏجي مسلمانن کي پوئتي وڌو.

ارڙهن سالن بعد يعني سنه ١٨٧٥ع ۾ وري مسلمانن

Gul Hayat Institute

تي الله جو فضل شروع ٿيو. جو قوم کي سر سيّد
رحمة الله عليه جهڙو رهنما ملي ويو. جنهن قوم جي
بيماري کي ڏسي علاج شروع ڪيو ۽ عليگڙهه ۾
ڪاليج جو بنياد رکيو. مرحوم سر سيّد رحمة الله عليه جي
خلاف خوب پروپيگنڊا ڪيو ويو کيس ڪافر بنايو ويو
فتوا ڏنا ويا ته ڪو به مسلمان ڪاليج ۾
نه پڙهي. سر سيد اسلام جو دشمن آهي. حڪومت جو
جاسوس آهي وغيره. مگر هن مرد ميدان ڪا به
پرواهه نه ڪئي. سڀ ڪجهه صبر سان برداشت ڪري
پنهنجو ڪم ڪندو رهيو. جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو
انهيءَ ڪاليج مولانا محمد علي. شوڪت علي. ظفر
علي خان وغيره جهڙا هزارين هيرا پيدا ڪيا.

## ڪانگريس:

سنه ۱۸۸۵ع ۾ هڪ يورپين مسٽر ايلن اڪٽاويئن
هيوم برٽش سول سروس کان رٽائر ٿي مسٽر
گوکلي وغيره سان ملي ڪانگريس جو بنياد وڌو.
انهيءَ جو پهريون اجلاس ۲۸ ڊسمبر سنه ۱۸۸۵ع
زير صدارت مسٽر ڊبليو بينرجي بمبئي ۾ ٿيو.
جنهن ۾ سڀ سرڪاري خوشامدي، خطاب يافته
اصحاب شامل ٿيا. جن سرڪار جي وفاداري جا

www.drpathan.com 

گيت ڳايا ۽ پنهنجن حقن لاءِ ريزرو ليشن پاس ڪيا انهي زماني ۾ ڪانگريس ۾ شامل ٿيندڙ ڊيليگيٽ لاءِ اهو شرط هو ته هو انگريزي پڙهيل هجي - اهو شرط انهي ڪري هو ته مسلمان زياده تعداد ۾ حصو نه وٺي سگهن تاڪ هندو ۽ پارسي قوم جي ڪثرت ذريعي ڪمائي سان هو پنهنجا حق حڪومت کان حاصل ڪندا رهن :

## مُسلم ليگ

٢١ سالن ۾ ڪانگريس خوب ڪم ڪري ٿي ۽ سرڪاري دفترن تي قبضو ڪري ورتو - تڏهن ڪن مسلمانن کي هوش آيو ته دنيا ڪيڏانهن وڃي رهي آهي ۽ اسان خواب غفلت ۾ مدهوش آهيون - ۽ انهن محسوس ڪيو ته اسانکي به پنهنجن حقن لاءِ جماعت بندي جي ضرورت آهي :

Gul Hayat Institute

آخر نواب سليم الله صاحب مرحوم نواب ڍاڪا جي تحريڪ سان مسلم ليگ جو بنياد وڌو ويو جنهجو پهريون اجلاس زير صدارت نواب وقار الملڪ صاحب جي سنه ١٩٠٦ع ۾ ڍاڪا ۾ ٿيو - مُسلم ليگ قائم ٿيڻ سان خوب پروپيگنڊا

ڪيو ويو ته اها جماعت حڪومت جي اشاري سان انهين لاءِ قائم ڪئي وئي آهي ته هندو مسلمانن ۾ نفاق پيدا ٿئي.

ٻئي طرف ڪانگريس وارن هندو مسلم اتحاد جو راڳ شروع ڪيو. مسلم ليگ کي شڪست ڏيڻ لاءِ هندو مهاسڀا قائم ڪئي وئي جا هندو مسلم اتحاد جي مخالفت ڪندي رهي جيئن ته ڪانگريس وارن دنيا ۾ مشهور ڪيو ته ڪانگريس مشترڪه جماعت آهي جنهن ۾ هندوستان جون سڀ قومون شريڪ آهن. تنهن ڪري ڪن مسلمانن کي پيسا ڏيئي ڪانگريس ۾ شامل ڪيو ويو.

ڏسو تاريخ ٢٣ نومبر ١٩٢٧ع

جهڙي طرح ١٩٠٦ع تائين ڪانگريس يعني ٢١ سالن تائين فقط سرڪار جي وفاداريءَ جا گيت ڳائيندي رهي. ١٩٠٧ع ۾ مسلم ليگ کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪجهه قدم اڳيان وڌايو يعني ١٩٠٧ع واري ڪانگريس جيڪا زير صدارت راش بهاري گوش جي سورت ۾ ٿي تنهن ۾ هٿيارن جي بندش واري قانون جي مخالفت ڪئي وئي. ۽ هوم رول جي گهر ڪئي وئي اهڙي طرح مسلم ليگ ۾ ١٩١٠ع تائين سرڪار جي وفاداريءَ جا گيت ڳائيندي رهي

۽ سنه ١٩٠٩ع کان بعد فرقيدارانه سياست جي محدود
دائري کان ٻاهر قدم رکيو. ۽ سنه ١٩١١ع واري مسلم
لنگ جيڪا زير صدارت سيد نبي الله شاهه عليگ
جي ناگپور ۾ ٿي هئي تنهن ۾ هندو مسلم اتحاد لاءِ
ريزوليشن پاس ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ نڪتو
جو سنه ١٩١٣ع واري ڪانگريس جيڪا زير صدارت
آنريبل مسٽر مڌهولڪر بانڪي پور ۾ ٿي تنهن ۾
مسلمانن جيڪو حصو ورتو جنهن ۾ هي صاحب قابل
ذڪر آهن: - مولانا حسرت موهاني - مسٽر رحمت
الله سياڻي - سر ابراهيم رحمت الله - سر حسن امام
بدرالدين طيب جي وغيره.

## گئون ماتا جي مهرباني

سنه ١٩١٥ع واري مسلم ليگ جيڪا زير صدارت
مسٽر محمد علي جناح جي لکنو ۾ ٿي هئي تنهن ۾ زور شور
سان هندو مسلم اتحاد مضبوط ڪرڻ لاءِ ريزوليشن
پاس ڪيو ويو مگر بدقسمتي سان گئون ماتا هندو ۽
مسلمانن کي ملڻ نه ڏنو - ۽ عيد قرباني جي موقع
تي اجوڌيا ۽ مظفر نگر ۾ هندو مسلم فساد ٿي
پيو - اڃا هي واقعو تازو هو ته سنه ١٩١٧ع ۾ آرا
شاهه آباد ۾ عيد قرباني جي موقع تي ٢٥ هزار

Gul Hayat Institute

هندن اوچتو مسلمانن تي حملو ڪري ڪين بيدرديءَ
سان ماريو. جنهنجو مثال اڳي ڪڏهن به هندستان
جي تاريخ ۾ نظر نٿو اچي.

هڪ طرف هندو قوم جي اها حالت ٻئي
طرف ڪلڪتي جي هڪ اخبار انڊين ڊيلي نيوز
آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي ذات مبارڪ تي
ڪمينو حملو ڪيو جنهنڪري ساري هندوستان
جي مسلمانن ۾ جوش پيدا ٿي ويو. انهن واقعن
مسلم ليگ کي وڏي طاقت ور بنايو ۾ مولانا
عبدالباري مرحوم. مولانا ڪفايت الله. مولانا احمد
سعيد. مولانا آزاد سبحاني. مولوي ثناء الله وغيره
اچي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيا.

## سياسي بيداري

سنه ١٩١٩ع جو منحوس ۽ مبارڪ سال هو منحوس
انهي ڪري هو جو انهي سال رولٽ ائڪٽ پاس
ڪيو ويو جليانوالا باغ واري خونريزي ٿي.
مبارڪ انهي ڪري هو جو انهي سال هندوستان
۾ آزادي جي سچي لهر پيدا ٿي. ۽ هندو مسلمانن
۾ پڪو اتحاد ٿي ويو.

رولٽ ائڪٽ جي خلاف مسٽر گانڌي جي حڪم

Gul Hayat Institute

سان سارې هندستان ۾ هڙتال ڪئي ويئي. ۽
مسٽر گانڌي کي قوم مهاتما جو لقب ڏنو.
سنه ۱۹۱۹ع ۾ هندو مسلمانن ۾ اهڙو ته اتحاد
پيدا ٿي ويو جو هندو مسلمان گڏجي ڪانو ڪاڌو
امرتسر ۾ مسلمانن رام نومي جي جلوس ۾ حصو
ورتو. احمد آباد ۾ مسلمانن ليڊرن کي تلڪ
لڳايا ويا. دهلي ۾ سوامي شردهانند کي جامع
مسجد جي ممبر تي چاڙهي تقرير ڪرائي ويئي. امرتسر
واري ڪانگريس جيڪا زير صدارت حڪيم اجمل
خان مرحوم ٿي تنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اينده
بقر عيد تي مسلمان ڳئون قربان نه ڪن. جنهنجو
نتيجو هي نڪتو جو سارې هندستان ۾ ڳئون
قرباني بند ڪئي ويئي.

مطلب ته سنه ۱۹۱۹ع جهڙو اتحاد هندو مسلمانن
۾ شايد ئي ڪڏهن مشڪل ٿئي. انهي کان پوءِ ڪانگريس
۽ مسلم ليگ ۾ پورو اشتراڪ عمل ٿي ويو. جيئن
ڪانگريس جو اجلاس ٿيو ٿي اتي مسلم ليگ جو
اجلاس ڪيو ويو ٿي. تا ڪه مسلمان ٻنهي جماعتن
۾ آسانيءَ سان حصو وٺي سگهن.

## ڪانگريس کان مسلمانن جي علحدگي

سنه ۱۹۲۱ع ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس گڏ

Gul Hayat Institute

احمد آباد ۾ ٿيا. ڪانگريس جو صدر حڪيم اجمل خان
صاحب هو. مسلم ليگ جو صدر مولانا حسرت موهاني
هو. انهي موقع تي مولانا حسرت موهاني صاحب ڪانگريس
۾ ڪامل آزاديءَ جي تجويز پيش ڪئي. جنهن جي
مهاتما گانڌي ۽ هندو قوم سخت مخالفت ڪئي
جنهن ڪري مسلمانن جو وڏو حصو ڪانگريس کان جدا
ٿي ويو.

سنه ۱۹۲۳ع ۾ جڏهن ڪانگريس جي پوزيشن
بلڪل خراب ٿي چڪي هئي تڏهن حڪومت موقعو
ڏسي سوامي شردانند ۽ پين ڪيترن سيا سي
ليڊرن کي ڪن شرطن سان آزاد ڪيو. سوامي صاحب
جيل مان ٻاهر نڪري ملڪانا آگره جي معروف
مسلمانن ۾ شدهيءَ جو ڪم شروع ڪري ڏنو. ۽
انهن کي مرتد بنايو ويو. هن وقت ڪن علمائن
مقابلي جي تياري ڪئي. مگر ڪانگريسي مسلمانن
کين روڪيندا رهيا. آخر جڏهن پاڻي سر کان
مٿي چڙهي آيو تڏهن لاچار جمعيت العلماءَ ۽ ٻيا
مولوي ڪانگريسي مسلمانن جي ڪابه پرواه نه ڪري
ميدان ۾ ڪاهي پيا ۽ خوب تبليغ جو ڪم شروع
ڪري ڏنائون.

هوڏانهن هندو مها سڀا سنگٺن جو ڪم شروع

Gul Hayat Institute

ڪري ڏنو. اڪثر انتشر ڪيا ويا. مسجدن آڳيان
باجه وڄايا ويا جنهن ڪري ساري هندوستان ۾ هندو
مسلمانن جا فساد شروع ٿي ويا. اها حالت ڏسي ۲ سيپٽمبر
سنه ۱۹۲۳ع مهاتما گانڌي اعلان ڪيو ته اگر هندو مسلمان
اهو شڌي ۽ تبليغ جو ڪم بند نه ڪندا ته مان جيل ۾
فاقو ڪندي جان ڏيندس. انهي اعلان گانڌي جي
جيل جو سڪ ڦٽائي ڇڏيو. اٿئين گڏجي فيصلو ڪيو
ته اهو شڌي ۽ تبليغ جو ڪم بند ڪيو وڃي.

در حقيقت اها به هندو قوم جي هڪ چال هئي جو ته
جنهن وقت مسلمان تبليغ جو ڪم شروع ڪيو ته شڌي
وارن جو هوش گم ٿي ويو. انهن ڏٺو ته حق ۽ باطل ۾
گهڻو فرق آهي. اگر تبليغ جو ڪم بند نه ڪيو وڃي ها ته
دنيا ڏسي وٺي ها ته ٿوري وقت ۾ هندوستان جا اڻ
ڪروڙ مسلمان ارتداد ڪري ورتا ٿي وڃن ها. ڪٿي ٿي
نالي عيدن جو ڪيڏو هيبتناڪ هوي ها. آخر ڏينهن وڏن
ليڊرن جي چوڻ تي مهاتما گانڌي جي جان بچائڻ لاءِ
شڌي ۽ تبليغ جو ڪم بند ڪيو ويو. ۽ وري هندو
مسلم اتحاد جو تماشو شروع ڪيو ويو. ۲ انهي سال مسلم
ليگ جو اجلاس زير صدارت مسٽر محمد علي جناح لاهور
۾ ٿيو. جنهن ۾ مسٽر محمد علي جناح ڪانگريس سان ٻيهر اتحاد
ڪرڻ لاءِ چوڏهن شرط پيش ڪيا جنهن ۾ سڀني علماءُ تائيد

نتيجي ۾ ڏني ته ٻڌايو ويو ته اسان گورمنٽ جي زير سايه آزادي ڪري ونٿا. سنه ۱۹۳۵ع ۾ حڪومت انڊيا ايڪٽ سنه ۱۹۳۷ع جا اعلان ڪيو جنهن ۾ سنڌ وغيره جي جدا ٿيڻ بابت ۽ وزارت جي ذڪر هو ته جي هندو قوم مخالفت ڪئي مگر موقعه تي يڪدم وچ ۾ ڪونسل تي قبضو ڪيو هن وقت فيڊريشن جي به ڪانگريس جي صدر صاحب سباش چندر بوس سخت مخالفت ڪئي آهي مگر جواهر لال نهرو يورپ ۾ وڃي معمولي ترميمون ڪرائڻ لاءِ زور ڏئي رهيو آهي. نيٺ نتيجو هي نڪرندو جو ڪانگريس خوشيءَ سان فيڊريشن قبوليندي.

اڇوتن ۾ تبليغ اسلام جو ڪم زوردار ڏسي مهاتما جو سڪ ڦٽي پيو ۽ ناٿ ڪڍڻ لڳو ۽ جڏهن تبليغ جو ڪم بند ٿيو ته پاڻ اڇوت اڌار جي ڪم کي لڳي ويو. انهي موقعه تي انهن سڀني ڪانگريسي هندو مسلمانن جا چپ بند ٿي ويا جن تبليغ جي ڪم کي روڪڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ورتي.

## آخري نوٽ

مطلب ته جڏهن جڏهن مسلمانن ۾ ڪجهه سياسي يا مذهبي بيداري پيدا ٿي آهي ته انهن ڪامل آزادي جهڙا نوجوانن مسلمانن کي تنظيم کان پري رکيو. انهن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ لاءِ اتحاد جو بناوٽي راڳ شروع ڪيو آهي. تاڪ مسلمان قوم هميشه ڪمزور رهي. ساڳيو راڳ جو سنه ۱۹۰۶ع

هندستان جي ٻين مسلمانن (سواءِ چند عنصرن جي) شامل نه
هندستان جي واحد جماعت ٿي سگهي ٿي.

مگر مسلم ليگ جا ٣٠ سالن کان قائم آهي جنهن ۾ ڏهه
مسلمانن جي شامل آهي جنهن سان ڪيئي دفعا خود ڪانگريس
اشتراڪ عمل ڪري چڪي آهي. سا اڄ مسلمانن جي واحد
جماعت ڪانهي. جمعيت العلماء خاص عالمن جي جماعت آهي
جنهن جي هن وقت هي حالت آهي جو مولانا ڪفايت الله مولانا
احمد سعيد - مولانا حسين احمد مدني چند عالمن جي جماعت
ٿي رهي آهي. ٻيا جيد علماءِ ڪرام جو عليحده ٿي چڪا
آهن. احرار پارٽي پنجاب جي انهن مسلمانن جي پارٽي آهي
جن جو مقصد هو ڪشمير ۾ ستيا گرهه ڪرڻ. جنهنجا پورا
عنصر ٿي ويا. هڪ اتحاد ملت، ٻيا احرار. هن وقت فقط
احرار پارٽي جو نالو آهي.

خدائي خدمتگار هڪ سرحد جي چند پٺاڻن جي
جماعت جو نالو آهي جيڪي خان عبدالغفار جا معتقد آهن

## مسلم ليگي ٽوڏي آهن

جيڪي وچي ٿو ته مسلم ليگ ٽوڏين ۽ رجعت پسند
جي جماعت آهي. جنهن جو جواب عرض آهي ته هندو مهاسڀا
جهڙي پارٽي جا ميمبر. ڊاڪٽر مونجي - جيڪر. ساورڪر ۽
ڏهولڪر- مدن موهن مالوي وغيره جهڙا ٽوڏي شامل

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com. Page # 20

صاحب ٿانوي مولانا محمد شعيب ناظم جمعية العلماء صوبه سرحد مولانا غلام بيگ نيرنگ صاحب مولانا جمال الدين خلف مولانا عبدالباري صاحب - مولانا صبغة الله فرنگي محل - مولانا مظهر الدين شير ڪوٽي ايڊيٽر الامان - مولانا محمد عمر صاحب ٺٽائي شڪارپور - مولانا ابوالقاسم فضل الحق بنگال - مولانا عبدالصمد صاحب ناظم جمعيت العلماء صوبه متحده - مولانا قاضي عبدالغفار صاحب ايڊيٽر پيام وغيره ۽ پنجاب جون تمام اخبارون - دهلي جون تمام اخبارون سواءِ الجمعيت ۽ انصاري جي ۽ جن جي مدينه، سنڌ جي اصلاح جي شامل آهن.

# قائداعظم مختار الملک مسٽر محمد علي صاحب جناح

جيڪي ته مسلم ليگ جو صدر هڪ ٽوڊي ۽ سڌيءَ آهي اهو اعتراض انهيءَ جماعت جو آهي جيڪي ڪڏهن هندن جي سنت هوا ۽ هو پاڪ وطن پرست سڏائي رهيا آهن جن کي الله تعالى تمام قومن جو سردار سڏيو آهي جو سردار هڪ مشرڪ ۽ ملحد آهي - هي اها جماعت آهي جنهن ڪانگريس آزادي جو اعلان ڪري سرڪار برطانيه جي وفادار ٿيا جي قسم کائي ڪونسل جي ڪرسي کي آزادي سمجهيو آهي - مسلم ليگ هڪ سياسي جماعت آهي انهي جو آئين

۾ سياست جو ماهر هئڻ گهرجي.

مسٽر جناح بابت مخالفن جي به اها راءِ آهي ته هو سٺي
دماغ جو سياستدان آهي. هندو قوم گانڌيءَ کي پنهنجو
اڳواڻ بنائڻ وقت اهو اعتراض ڪونه اٿاريو ته گانڌي
هڪ بيرسٽر آهي ۽ ويش قوم مان آهي هو برهمڻ ۽ ڪترين
جو اڳواڻ ٿي سگهي.

هندو قوم ۾ سواءِ برهمڻ جي ٻيو اڳواڻ ٿي نٿي سگهي- گانڌي
هڪ سنت آهي- اُنهن هڪ سنت کي مهاتما جو لقب ڏئي
عزت ڏني- مسٽر محمد علي جناح هڪ ڪلمه گو مسلمان آهي
انهي ڪري انهن عالمن ۽ ليڊرن ۽ عام مسلمانن گڏجي پنهنجو
اڳواڻ بنايو آهي جن هر ڪنهن قومي تحريڪ ۾ حصو
ڏئي قرباني ڪئي آهي- اُنهن جواهرلال جهڙي ملحد
گانڌي جهڙي بهروپي بابوءَ کي اڳواڻ ڪونه بنايو آهي.

جيڪي صاحب چون ٿا ته مسلمانن کي اکيون پوريون
ڪانگريس ۾ شامل ٿي ڪانگريس تي قبضو ڪرڻ گهرجي تن
کي اهو به سوچڻ گهرجي ته فرض ڪريو سڀئي هندوستان
جا مسلمان سڀ ڪٺا ڪانگريس ۾ شامل ٿين ته جملي
۹ ڪروڙ مسلمان ٿيندا- هوڏانهن هندو به سڀ ڪانگريس
۾ شامل ٿين ۽ ضرور ٿيندا ته ۲۳ ڪروڙ ٿيندا- وري
به ڪثرت هندو قوم جي رهندي- انهي ڪري مسٽر جناح
اهو شرط پيش ڪيو ته مسلمانن جون سيٽون جدا هجن

Gul Hayat Institute

ڪيون وڃن ۽ مرڪز ۾ ميمبرن جو تعداد ڪثرت ٿو ڏٺي
قلت وارين قومن جو هڪ جيترو هجي - جيئن اڄ ڪلهه دنيا
[illegible] ٿا آهي - ڪثرت ۽ قلت قلم ۽ اخبار جي
[illegible] وقت زياده اخبارون آهن اُهي اها
[illegible] آهي ؛

هن وقت جيڪي مسلمان اڪيون پوري وزارت
جي لالچ ڪري يا ٻئي ڪري ڪانگريس ۾ شامل ٿيا آهن
جن جمعيت العلماء ڪانگريس سان شامل آهي تن جي خدمت
۾ عرض آهي ته عزيز وارها ٻجيا دل ۾ اگر ملت جو سچو درد
آهي - اگر اوهان پنهنجي قوم کي هڪ مرڪز تي جمع ڏسڻ گهرو ٿا
انهن کي تنظيم جي طاقت سان مضبوط بنائڻ گهرو ٿا ته هن
تقليد جي بت کي ڀڃي ڀُرا ڀُرا ڪري مسلم ليگ ۾ شامل
ٿي وڃو - ۽ اگر ڪانگريس ۾ شامل ٿيو ته اول پنهنجي قوم
کي هڪ مرڪز تي مضبوط بنائي يڪجهتي پيدا ڪري گڏ هجي
عزت سان ڪانگريس ۾ شامل ٿيو - باقي هن ڇڙوڇڙ
حالت ۾ مسلمان کي هڪ طرف انگريزن جو ٻئي طرف هندن
جو غلام ٿي رهڻو پوندو ؛

# مسلمان ۽ آزادي

ٻيو آزادي جو سوال تنهن بابت عرض آهي ته دنيا ۾
اهڙو ڪهڙو بدبخت انسان هوندو جنهن کي آزادي پسند نه

Gul Hayat Institute

هُئي ۽ روحانيت هُئي. دُنيا ڏٺو ته چند گودڙي پوش
ساري دنيا تي ڇانئجي ويا. انهن جي صدائي تڪبير قيصر
۽ ڪسريٰ جي محلن جا ڪنگرا ڏڪائي ڇڏيا. انهي زمانه
جا مسلمان سڀ ڪان وڏي مصيبت سڀ ڪان وڏو غضب
نفاق کي سمجهندا هوا. درحقيقت نااتفاقي خدائي قهر
آهي جنهن ڪان فرعون جي قوم به پناهه گهري ها هُئي.

مسلمانو اگر اوهان هن غلامي جي لعنت ڪان آزاد
ٿيڻ [illegible] ته [illegible] بيدار ٿيو
[illegible] صادق جي روشني نروار ٿي چڪي آهي. بيدار
ٿي وڃو! انهن غفلت شعار ڀائرن کي هشيار ڪريو جي
مشرڪن جي دام ۾ گرفتار ٿي چڪا آهن تاڪه اينده
انقلاب ڪان اڳ جنهنجا آثار ظاهر ٿي چڪا آهن هشيار
ٿي سڀئي ذاتي ۽ فروعي جهگڙن کي ڇڏي نفسانيت
۽ ذاتي اغراض ڪان دل کي صاف ڪري نااتفاقي جي
باهه کي پنهنجي پاڻ سان وساڻي ڇاتي ڇاتي سان
لائي هڪ ٿيو ۽ هڪ مرڪز تي جمع ٿي فقط هڪ خدائي وحدت
جي پيروي ڪئي ٿي عمل ۽ ايثار سان دنيا کي ثابت ڪري
ڏيکاريو ته مسلمان هڪ زنده قوم آهي. مسلمان سپاهي
آهي. ۽ آزادي حاصل ڪرڻ سپاهي جو ڪم آهي.

## مُسلم ليگ جي ضرورت

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 27

ڪانگريس هڪ مشترڪ جماعت آهي جنهن ۾ فيصلا
به مشترڪ ٿي سگهن ٿا. مگر مسلمانن لاءِ هڪ اهڙي
جماعت جي سخت ضرورت آهي جنهن جي هيٺ
سڀ مسلمان متحد ٿي سگهن ۽ متحد ٿي پنهنجي مالي اقتصادي
مذهبي سياسي حالت سڌاري سگهن. جهڙي طرح
هندو قوم پنهنجي پينگهي ڌرمي ڪمن لاءِ هندو مهاسڀا
قائم ڪئي آهي اهي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ ته
سڀ مسلمانن جي اهي پراڻي جماعت جنهنجي نالو مسلم ليگ
آهي زنده ڪئي وئي آهي. جنهنجا هن وقت هيٺيان مقصد
آهن ۽

(۱) هندوستان ۾ مڪمل آزادي لاءِ جدوجهد ڪرڻ.
(۲) هندوستاني مسلمانن جي مذهبي سياسي حقن ۽ مفادن جي ترقي لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
(۳) دنيائي اسلام سان رشتهٔ اخوت قائم ڪرڻ.
(۴) غير قومن سان دوستانه تعلقات وڌائڻ وغيره.

نظامي. ڪراچي

۸- آڪٽوبر سنه ۱۹۳۸ع

Gul Hayat Institute

# درس عمل

اي قوم منتشر چو تنهنجو نظام آهي
محفل ۾ ڪو نه ڪيون اڄ اهتمام آهي
تُي صبح پُر ملامت ذلّت جي شام آهي

(۲)

وقت آهي هي عمل جو هُشيار ٿي خدارا
غفلت ڇڳي نه آهي بيدار ٿي خدارا
تيغ ستم ستمگر ڪئي بي نيام آهي

(۳)

هشيار ٿي جي جيئڻ وڌهڻو ٿي جهان ۾
غفلت شعار بلبل تولاءِ بوستان ۾

Gul Hayat Institute

صيّاد اڄ پکيڙيو مضبوط دام آهي

(٤)

غمگين شمع آهي حيران آهي محفل

ٿي ويو فنا تجمّل ويران آهي محفل

ساقي نه ميڪده، شيشو نه جام آهي

(٥)

شورِ فغان سان گلشن آباد ڪو نه ٿيندو

آرام سان جهان ۾ آزاد ڪو نه ٿيندو

هي آرزو اجهائي هيءَ آس خام آهي

(٦)

قبضي ۾ ڪر زمين کي تسخير آسمان ڪر

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 30

اُت ۾ اُني عمل لئي تيار ڪاروان ڪر

ساري جهان کي ڏيڻو حق جو پيام آهي

(٧)

هڪ ڪعبو هڪ خدا هڪ- قرآن بہ آهي هڪڙو

مقصد مڙن جو هڪڙو ايمان آهي هڪڙو

هادي بہ سڀ جو هڪڙو خيرالانام آهي

(٨)

سڀي هڪ ٿيا جي گڏجي هڪ ٿا تہ مرن ڪاٿ

افسوس پر مسلمان هڪ پاڻ ۾ نہ آهن

هر ڪنهن جدا بنايو پنهنجو امام آهي

(٩)

Gul Hayat Institute

نالو وڃي وڏن جو ٿو پاڻ کي بڌائين

مرزا مغل قريشي - افغان ٿو سڏائين

تنهنجي ڪري وڏن جو بد نام - نام آهي

(١٠)

مطرب جو چنگ بدليو ۽ نڌن جو رنگ بدليو

واعظ جو وعظ بدليو ليڊر جو ڍنگ بدليو

فتنو فساد جهيڙو ۽ تڪرار عام آهي

Gul Hayat Institute

(١١)

هي نظام آهي تنهنجو درس عمل نظامي

هر ٿي عمل ڪرڻ سان ٿيندي فنا غلامي

سارئي جهان جي ٿيو مسلم امام آهي